# ناري

پبليڪيشنس

سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع
سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع
سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع
سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع
سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع
سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع



اُجايل

پبليڪيشنس

سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١

سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ٩٨١

سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١

سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١

نڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٠١

ڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع سنڌي ساهت سال ١٩٨١



أجايل

ناري پبليڪيشنس
جو ڇهون ڪتاب

# اُجايل ناري

سهيڙيندڙ
نذير ناز
صلاحڪار
خيرالنساء جعفري

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت : ٦-٠٠ روپيا

(سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع)

ناري پبليڪيشنس
حيدرآباد، سنڌ

ڇپائيندڙ: نذير ناز، پاران ناري پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر ١٥، حيدرآباد سنڌ
ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرس، الهندو ڪچو حيدرآباد سنڌ

ڇپجڻ جو مهينو: نومبر ١٩٨١ع

(ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا قائم)

# ترتيب


گذارش — نذير ناز — ۴

## ڪهاڻيون

مڙسي — نجم عباسي — ۷

ڪلپنا — نظير جان — ۱۵

رڃ — طارق عالم — ۱۶

گهر واري مرغي — ابراهيم خشڪ — ۲۱

Un-Balanced/Banced ماڻهو — اخلاق انصاري — ۲۲

آڇايل ناري — ابن آدم / نذير ناز — ۲۷

## شعر

غزل، نظم، وائي، بيت، وائي، غزل، ترائيل
نظم، غزل، غزل ۔

## شاعر

استاد بخاري، زيب ڀٽي، راشد مورائي، شمس عقيلي،
ادل سومرو، هاسارام 'پيٽا'، راهي چنا، مير محمد
پيرزادو، نذير ناز، عرفان مهدي ۔ ۹۴ کان ۱۰۰

## مضمون

سفرنامو ايران جو سفر — غلام رباني — ۱۰۲

ڳالهه ٻولهه جيون سڄو سارو پيڙا — حميد سنڌي — ۱۱۱

نوٽ بڪ Actual Feelin — اڪبر سومرو — ۱۱۶

آن ٻي خط تو ريءَ ساجن — سحر إمداد — ۱۱۸

| | |
|---|---|
| مڙسي | نجم عباسي |
| ڪلپنا | نظير جان |
| ڏج | طارق عالم |
| گهر واري مرغي | ابراهيم خشڪ |
| آجايل ناري | اخلاق انصاري |
| Un-Balanced/Balanced ماڻهو | ابن آدم |
| | نذير ناز |

# ڪهاڻيون

## سوڀي پبليڪيشنس

جا شايع ٿيل ڪتاب

---

# سونهن پٽڙ ۽ پيار

طارق **اشرف** جي ڪهاڻين جو مجموعو.

ٽئين ايڊيشن جون ٻه هاڻ فقط آڏيون ڪاپيون بچيون آهن.

# غدار

جڳ مشهور ليکڪ **ڪرشن چندر** جو شاهڪار ناول

ٻيو ايڊيشن ٻه ختم ٿي ويو.

# ميرو ڏاڙيل

طارق **اشرف** جو آهو ناول، جنهنکي سنڌ توڙي ڀارت

جي هر ننڍي وڏي پڙهندڙ پسند ڪيو آهي.

قيمت: ١٢-٠٠ رپيا

ايندڙ ڪتاب (ساهت سال ١٩٨١ع ۾ شايع ٿيندا)

# رشتا ناتا

برک ڪهاڻيڪار **نجم عباسي** جي ڪهاڻين

جو نئون مجموعو

# زهر جهڙي زندگي

نئين ڪهاڻيڪار **ماڪو شاهه** رضوي جي ڪهاڻين

جو پهريون مجموعو

ڪهرائڻ لاءِ:

**سوڀي پبليڪيشنس**

الهند و ڪچو، حدرآباد سنڌ

■ طارق عالم

# لڄ

”ٽائم ڏنو اٿئي“؟

”ها“

”ڇا ٿيو آهي؟“

”سادا ٻارنهن.“ (ڪوٽ لاهيندي چيائين).

”توکي اهو به ياد هوندو ته گهر مان ڪيڏي مهل ويو هئين؟“

”جي ـ سادي ڇهين وڳي.“

”تون آخر مونکي صاف ڇو نه ٿو ڇئي ڇڏين؟“

”ڇا؟!“

”ته تنهنجي دل مون مان ڀرجي وئي آهي.“

”دل ڀالئي تم نه هوندي آهي جو ڀرجي وڃي.“

”مان ٻئڪ ٻڌڻ جي موڊ ۾ بنهه ناهيان.“

”اوـــڪي“ (هو يت سان ٽيڪ ڏياري رکيل ڪتابن جي سٽَ مان ’ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس‘ ڪڍي پڙهڻ ٿو لڳي.)

”مونکي جواب گهرجي.“

(پر هُو ڪتاب ڏاڍي ويچار مان پڙهندو رهي ٿو. جڻ ڪمري ۾ ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبه نه هجي.)

”مان اڄ هنن سمورن ڪتابن کي باهه ڏيئي ڇڏينديس.“

(هُوءَ سٽ ڏيئي سندس هٿن مان ڪتاب ڦري آڻي لڳي ٿي.)

”هيڏانهن ڏسُ ـــ منهنجن ڪتابن کي جيڪڏهن ڪجهه ٿيو آهي ته....“

”جواب ۾ هو ٻيو جهٽڪو ڏئي قميص جو ڳلو ڇڏائي در ڪولي فليٽ جون اندا هيون ڏاڪڻيون لٿاڙيندو وڃڻ ٿو لڳي. ڪمري ۾ سياري جو درڙي ڪڍي ڇڏيندڙ جهوٽو ڊوڪي ٽڙني ديوارن کي ٺاري ٿو ڇڏي.

شفا کي گهڙيون ويساهه سان اوندهه ۾ وڃائجندڙ پيرن جي ٺڙڪن جا آواز ٻڌندي رهي ٿي، پوءِ اکين جي ڇنڊورن ۾ پيرجي آيل لڙڪن کي ترڻ جي پٽ سان اگهي در ٻيڪڙڻ ٿي لڳي.

---

**ابراهيم خشڪ** (سنڌي ڪهاڻي)

# گهر واري مرغي

ڪُڪڙين کي مرغيون به سڏيو ويندو آهي. مرغيءَ جي ڪاڻ ۾ ڏاڍو مزو هوندو آهي پر گهر جي مرغي گهڻن کي نه وڻندي آهي، انڪري ٺي چوندا آهن ته گهر جي مُرغي دال برابر. پر ائين آهي چوندا آهن جن کي ٻئي هنڌ مرغي ڪاڻ جيترا پئسا ۽ موقعا آهن. هونئن نه ته ڪيترا ته دال کي به مُرغي سمجهي پيا کائيندا آهن. پر دال دال آهي، مرغي مرغي آهي. انڪري آهي ماڻهو جيڪي پنهنجي گهر جي مرغيءِ کي دال برابر سمجهندا آهن، انهن کي اها ته خبر هوندي آهي ته مرغيءَ جي ڪاڻ ۾ ڏاڍو مزو هوندو آهي، انڪري اهي ماڻهو مرغي کائيندا ضرور آهن، پوءِ ڪڏهن هوٽل جي مُرغي ته ڪڏهن ڪنهن ٻئي گهر جي مرغي. ۽ سندن گهر واري مرغي وري ڪو ٻيو سندن مهمان بڻجي کائي ويندو آهي.

آءٌ ماضيءَ جي يادن ۾ ڪم هوس ته هوءَ ٻوڙندي اندر داخل ٿي. ۽ مونکي اچي ڀاڪر پاتائين.

"آءٌ زبيده نه پر فريده آهيان. تنهنجي فريده تون مونکي سڃاڻي ٿو. تون.... تون...." هوءَ سڏڪا ڀري رهي هئي ۽ ڀوءِ پنهنجن ڏڪندڙ هٿن ۾ منهنجو منهن جهلي پنهنجي منهن جي ويجهو آندائين. هن جا ڪارائيل چپ ڏڪي رهيا هئا ۽ هن جون خاموش نگاهون رڙيون ڪري ورهين جو پراڻو سوال دهرائي رهيون.

"تون مونکي پيار ڪونه ڪندين. ڪونه ڪندين."

"ويهي رهو فريده." مون مظبوط آواز ۾ چيو ۽ هن کي ڏڪو ڏيئي صوفي تي ويهاري ڇڏيو. "مون توکي سڃاڻي ورتو هو."

"سڃاڻي ورتو هوندين نه." هن وري اٿي مون ڏانهن اچڻ چاهيو پر مون هٿ جي اشاري سان هن کي روڪي ڇڏيو.

"مونکي هي ٻڌاءِ ته تنهنجو مڙس ڪٿي آهي. منهنجو مطلب آهي سابقه مڙس؟"

"مڙس!" فريده ٽهڪ ڀري چيو: "ڪهڙو مڙس. مون ته ڪنهن سان شادي ئي ڪانه ڪئي آهي."

"فريده!" مون ڏند ڪرٽيندي چيو. "آءٌ توکان جواب طلبي ڪونه ڪري رهيو آهيان. هي ته بس ائين ئي پڇي ورتم جيڪر نٿي ٻڌائڻ چاهين ته تنهنجي مرضي."

"خدا جو قسم راشد." هن تڙپندي چيو: "يقين ڪر. هتي ايندي ئي مون هن کان پڇڻو ڇڏائي ورتو هو. اهو ته صرف منهنجي ويزا هئي. آءٌ هن کي ٻڄ ڏيئي ايئرپورٽ تان ئي جدا ٿي ويئي هيس. خبر اٿئي راشد، ڇو؟ صرف تنهنجي لاءِ تنهنجي امانت جي حفاظت جي لاءِ. ڪمينا، ڪوڙا، مڪار تنهنجي لاءِ، توکي سڏائڻ لاءِ هتي هوٽلن ۾ ڪم ڪيم، ماڻهن جا گهر صاف ڪيم ۽ جڏهن آءٌ انهيءَ قابل ٿيس ته توکي

۽ ماحول کي خوشگوار ٺاهڻ جي به ڪوشش ڪري رهي هئي. پر آءٌ ۽ جان هڪ ٻئي کان نگاهون چورائي رهيا هئاسين. ماني کائڻ جي دوران به صرف فريده ئي ڳالهائي رهي هئي. ميز تي هوءَ هڪ سوگهڙ عورت ۽ بااخلاق ميزبان بنجي ويٺي هئي. ماني کان فارغ ٿي جڏهن فريده ٿانون کڻي ڪچن ڏانهن هلي ويٺي ته مون سامهون ويٺل جان ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان ڏٺو، جيڪو اڄ کان پهرين منهنجو دوست هو. مونکي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پيارو هو. پر هڪ عورت وچ ۾ اچي اسان جي دوستيءَ جي مضبوط رسي جي هڪ سري کي ٻاهه ڏيئي ڇڏي هئي. جيڪا آهستي آهستي ٻري رهي هئي. ليڪن اسان ٻئي باه تي پير رکي هن رسيءَ کي بچائي نٿي سگهياسين.

”مسٽر راشد!“ جان اکيون ملائڻ کان سوا ڏکايل آواز ۾ پڇو، ”تون مانيءَ کان پوءِ چانهه به پيئندو آهين. اگر چاهين ته.... زريده بهترين چانهه ٺاهيندي آهي.“

”مهرباني جان.“ مون ڏک کي مشڪل سان ضبط ڪندي جواب ڏنو.

”گڊ.“ فريده اندر داخل ٿيندي ئي ڇهڪي- ”ڳالهيون ڪرڻ منع ڪونهي، جيسين تائين آءٌ واندي ٿي وڃان، توهان ڳالهيون ڪريو. خاموشي سوچ ڏيندي آهي ۽ سوچڻ وارا ماڻهو بزدل ٿيندا آهن.“

”اڄ زريده، ڪم پوءِ به ٿي ويندو.“ جان چيو. ”آءٌ هاڻ وڌيڪ انتظار نٿو ڪري سگهان. هي صبر، هي سوچ منهنجي اعصابي نظام کي متاثر ڪري رهي آهي.“

فريده گهوريندي جان کي ڏٺو ۽ ڪجهه چوڻ کان سوا جڳ ۽ گلاس کڻي ٻاهر نڪري ويئي. ۽ ٿورن منٽن کان پوءِ واپس اچي اسان جي سامهون ويهي رهي.

”مون هڪ پراڻو مگر باعزت حل سوچيو آهي.“ هن چيو. ”ڇا توهان ٻئي ڊويل وڙهڻ لاءِ تيار آهيو؟“

تڏهن مون جهڪندي جان کي مٿي ڪنيو ۽ اسين ٻئي هڪ ٻئي کي سهارو ڏيندي نرس جي رهنمائيءَ ۾ جڏهن اندر پهتاسين تہ ڊاڪٽر اڇو گائون ۽ دستانا لاهي رهيو هو.

فريده جو جسم اڇي چادر ۾ ڍڪيل هو ۽ صرف منهن کليل هوس. زرد چهري جون اکيون کليل هيون. ”راشد.“ هن رت سان ڀريل ساه کنيو. رت جا ڦڙا هن جي منهن تي پکڙجي ويا. مون جهڪي هن جو منهن ٻنهي هٿن ۾ ورتو. منهنجا ڏڪندڙ گرم چپ جڏهن هن جي چپن کي لڳا تہ فريده جي جسم ۾ هلڪي ڏڪڻي پيدا ٿي ۽ وري ساڪت ٿي وئي. جڏهن ڊاڪٽر مونکي هن جي جسم کان جدا ڪيو تہ منهنجو منهن فريده جي رت سان ڀريل هو.

---


ناري پبليڪيشنس جي پاران
سنڌ جي مشهور برک ڪهاڻيڪار
حميد سنڌي جي ڪهاڻين جو مجموعو

## جت جر وهي ڏوجال

جلد ڇڏرو ٿين وارو آهي
پوسٽ باڪس ۱۵ حيدرآباد سنڌ

---

نذير ’ناز‘ جي ڪهاڻين جو ٻهريون مجموعو

## هيلوڪو وري آ

جلد ڇڏرو ٿين وارو آهي
پوسٽ باڪس ۱۵ حيدرآباد سنڌ

| | |
|---|---|
| غزل | استاد بخاري |
| نظم | زيب پٿي |
| وائي | راشد موراڻي |
| بيت | شمس عقيلي |
| وائي | ادل سومرو |
| غزل | هاسا رام "بيشا" |
| ترائيل | راهي چنا |
| نظم | مير محمد پيرزادو |
| غزل | نذير ناز |
| غزل | عرفان مهدي |


# شعر

■ استاد بخاري

## غزل

وهم وڇائي ونگ وجهين ٿو؟
ڪرڻا، ڀاڇن منجهه ڪڙين ٿو؟

ڀو ياڙي جو ڀاڇو بڻجي،
پنهنجي ڀاڇي کان به ڀڄين ٿو.

ڪلهه آهي ويو، اڄ ايري پيو،
سانجهي، سنجها مسجهه وڃين ٿو!

ڪوبه ستارو تنهنجو ڪونهي،
تارا ڪنهنجي ڪاڻ ڳڻين ٿو؟

ڪرها، ڪارون ساڻ نه ڀڄندا،
توڙي تلهڙن ساڻ تڙين ٿو.

دقيانوسي دڙدون ڪائي،
چوٽين سن جي ڏوڙ ڇڻين ٿو.

وهڪ شعور جي واهه ته ناهي،
شوق، شعاع کي ٻنڌ ٻڌين ٿو.

جو ڪجهه ٿئي استاد اندر ۾،
ريڙهيڄن ۾ ونڊ ونڊين ٿو.

■ زيب ڀٽي

## آپسرا!

O

ڊگهو قد—
وار ڪولي،
ڪا آپسرا—
چاڪليٽي ساڙهي—
چيلهه تي ويڙهيل،
هٿ تي پلئه پاتل،
اڇي بلائوز هيٺ،
سونهري جرڪيل پيٽ،
چيلهه جا وَر
ساڙهيءَ جا سَرَ
هلي ٿي—
ڇڙ ڊيل—
ٿلي ٿي—
وارن جي ڇڳن—
چيلهه پئي ڇمي،
آپسرا——
آزاد پئي گهمي،
تصور ۾ توکي ڏسان،
آپسرا جي ويس ۾—
هوبهو توکي ڏسان.

## ■ راشد موراڻي

# وائي

جيڏيون ڪين جهليوم، ڏاهپ ڪانہ ڏسيوم،
  موت پليرو موت ڪان.
اکيان پــيـار پڪاريــو، پويان ڪين سڏيوم،
  موت پليرو موت ڪان.
ڪيچ ڏٺيءَ سان قرب جو، ڪوئي قول ڪيوم،
  موت پليرو موت ڪان.
ڇيهي پاسي ڇيڳريون، ڇوريون ڪين ڇڪيوم،
  موت پليرو موت ڪان.
ڇڏيم سڪ پنهور جا، تڏهن ڏکــــ گهٽيوم،
  موت پليرو موت ڪان.
”راشد“ مرندي مون موت ري، مهڻو جي نہ مليوم،
  موت پليرو موت ڪان.

## ■ شمس عقيلي

# بيت

ڏک جنهن جي ڏيهہ ۾، سي سکن کي ساري،
پيارا پرينءَ جــــي پياس ۾ پيا پلپل پڪارين،
ڏونگر ســي ڏاريــن، همت جن جي هٿ ۾.

——

ڏکــ جنهن جـي ڏيهہ ۾، هنجون هــارين ســي،
دردن منديون دولتون جـــيءَ ۾ رکــن جي،
پرين ءَ پار پري، جـــي ڏورين ڏور ناهہ ڪو.

■ ادل سومرو

# وائي

آءُ آهيان چمرُ
چانوُ تو تي ڪندس،

مُنهنجي راجڌاني ۾ آ
رِسڪُ تنهنجي سچ،
چانوُ توتي ڪندس

تُنهنجي پوتر هِئڙي
پاڪُ پوهيتُ پکهر،
چانوُ توتي ڪندس،

تُنهنجي پوڄا سندرِ
زندگيءَ جو ثمرُ،
چانوُ توتي ڪندس،

منهنجي سوُچين تي پونءِ!
تنهنجو آهي اثرُ
چانوُ توتي ڪندس،

سچي شاعر جي دل
محبتن جو شهرُ،
چانوُ توتي ڪندس،

جيڪو ڌرتيءَ سان نهو
عشق ۾ آهي امرُ،
چانوُ توتي ڪندس،
آءُ آهيان چمر.

■ هاشا رام "پيڻا"

## غزل

لهر لهر تي لهرو لاءِ،
ونجهه ورائي ناوُ نچاءِ.

سچ ته بيٺو نچ مدام،
ٿيءُ منصور ڪنڌ ڪپاءِ.

پيچ سدائين پيار جو پيچ،
ڪير ۾ زهر نه، وجهاءِ.

ٿاٽ ٿڪيءَ جا ساڙي ٻار،
ڏڏڪي ڏڏڪي ڏوم مچاءِ.

آڏي مانجهي ڪاهه ڪاهه،
ناهه ويڙهه جي هٿ ڪا جاءِ.

مانجهي، موت برابر موٽ،
چرڪ نه، غيرت ڪي نه گماءِ.

لوڪ ته ڏيندو ويٺو ٻوڪ،
دل ۾ جو به اچيئي، ڳاءِ!

پيار "پيڻا" تون ونڊ ورهاءِ،
مٽڙي، مٽڙي لات لٽاءِ!

■ راهي چنا

## ترائيل

اوڀر ڪان اڀري ڪرڻ شال اجالا،
وسٽي ساري وسين او چنڊ صدورا.
ننڊ نه مُوران موڪي، ٿيسين نيڻ پيارا،
اوڀر ڪان اڀري ڪرڻ شال اجالا.
ڪنجي ويندا نيٺ هي ڪوهه ڪشالا،
پورا پورا ٿي پوندا ٻنڌ مڻورا.
اوڀر ڪان اڀري ڪرڻ شال اجالا،
وسٽي ساري واسين او چنڊ صدورا.

## ■ مير محمد پيرزادو

# نظم

تنهنجي آئت ڏيندي سان ئي،
گل تي لڪي آيا ڳوڙها.

ڪارا آهن، ڪارا آهن،
پهرين جهڙا ڳاڙها ڳوڙها.

ڪنهن جي ياد جي تصور جا هي،
منهنجي گل تي پاڇا ڳوڙها.

چپ ٿي چپ ۾، تو ٻه ڏٺو هو،
چوندا ويا ها ڇا ڇا ڳوڙها!

تون جي ايندين، سڀڪجهه ايندو،
ڪلندي ڪلندي ايندا ڳوڙها.

جذبا، آدما ڏسي ٻه نه سگهبا،
نينهن نياپا ڏيندا ڳوڙها.

تون جي ڪٿوري ڪٿوري ڏسندين،
تنهنجو عڪس ڇڏيندا ڳوڙها.

ٽمڙوءَ وانگر ٽهڪ ڏئي جي،
سارا سور سلهندا ڳوڙها.

پاڻ ۾ ڪيڏا راز سمائن،
گونگا ڳوڙها، ٻوڙا ڳوڙها.

توکان ٻيک گهرڻ لئه آيا،
گل تي ڇورا- ڇنا ڳوڙها.

ٻانڙ- ٻوڙ بنائي وجهندا،
تنهنجا ڳوڙها، منهنجا ڳوڙها.

■ نذير ناز

## غزل

دل جا ديرا جي وسن پؤ مان غزل چو نہ چوان،
۽ سچ ساموهون هجن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

واجھہ تي دلڙيءَ وڏا جن جي ڏسن ڪائي سدا،
سي اگڻ منهنجي اچن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

شمع بنجي مان جلان جي ٿئي پروانو هو،
پيار جا وارا ورن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

اڄ سڄڻ وعده وفائي جو ڪيو آه قسم،
عهد جي سپ ٿي پرن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

دل تہ دلدار جو درشن تي ڪرڻ چاهي مگر،
پيار تي پهرا هجن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

دل جي مندر ۾ مون ٻاريو آ محبت چو نہ چوان،
گل ڪرڻ پنهنجا اچن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

جستجو مون ڪئي تہ منزل جيي وڃايو تي وڃي،
ساز راهون نہ ملن پوءِ مان غزل چو نہ چوان.

■ عرفان مهدي

# غـــزل

وياڪل وياڪل چهرا ڇو؟
سوچ تـــي ايـڏا پهرا ڇـــو؟

تنهنجي شهر جا اڪثر ساڻهو،
آهـــن ٿيا بـــي مهرا ڇـــو؟

زخم چـڪائي پوءِ به پڇين ٿو!
گهاءَ اڇـــا هـِن ڳـهرا ڇـو؟

سسئيءَ جـــي مقدر ۾ لکيل،
آهي اڃان پـــي صحرا ڇـــو؟

الغوزي ۾ ســـر آنـــو پـــر،
مـــاڪ ۾ آهـــن لهرا ڇـــو؟

ڪنهن جون اکيون آليون آليون،
ڪنهن جي سر تي سهرا ڇـو؟

| | |
|---|---|
| ايران جو سفر | غلام رباني |
| جيون سچو سارو پيڙا | حميد سنڌي |
| ACTUAL FEELINGS | اڪبر سومرو |
| ادبي خط | سحر امداد |

# مضمون

غلام رباني

# ايران جو سفر

تاريخ ٣ مئي، ١٩٧٧ع تي، رات جو ٩ بجي، مان ۽ منهنجو بزرگ دوست نواب نور احمد خان لغاري، ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تان، ايراني جهاز ۾ سوار ٿياسين. تڏهوڪي ايران سرڪار اسان ٻنهي ڄڻن کي پنهنجو ملڪ گهمائڻ لاءِ ٻن هفتن جي ثقافتي دوري جي دعوت ڏني هئي.

نواب صاحب ڪي سال اڳ، خانگي طرح، مقامات مقدسہ جي زيارت لاءِ ايران ويو هو ۽ ان کان سواءِ وچ اوڀر جا ڪيترائي عرب ملڪ سندس گهميل هئا، پر مان پنهنجي ڄمار ۾ پهريون دفعو ڪنهن غير ملڪي سفر تي وڃي رهيو هوس. سو، جهاز تي سوار ٿيڻ مهل منهنجي دل ڏاڍي شوق جي جذبي سان ڀرپور هئي. خاص ڪري ايران جو سفر، مون لاءِ وڏيءَ خوشي جي ڳالهہ هئي.

ايران صدين کان وٺي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن تي اثر انداز ٿيندو رهيو آهي. اڄ اسان جي زندگي جو اهڙو ڪو خانو خالي نہ هوندو، جو ايراني اثر کان مڪمل طرح آجو هجي. اڳوڻن زمانن ۾ بيشمار فوجي فاتح ۽ صوفي بزرگ ايران جي سرزمين مان نڪري، سنڌ ۾ وارد ٿيا ۽ حياتي جا دم هتي پورا ڪري، سنڌ جي خاڪ پاڪ ۾ دفن ٿيا. انهن مان ڪيترن جي حياتيءَ ۽ ڪارنامن جو احوال انهن فارسي ڪتابن ۾ قلمبند آهي، جن جي ڇپائي تي مون عمر عزيز جا ڪيئي سال، سنڌي ادبي بورڊ ۾ صرف ڪيا هئا. سنڌي ادبي بورڊ جي ملازمت ڪري ايران جي هاڻوڪن عالمن ۽ اديبن سان ٻہ ميل ملاقات جو موقعو مليو هئم. سنڌ جي بزرگ اديب محترم

اگــــر فردوس برروئـــي زمين است،
همين است همين است همين است،

(جيڪڏهن هن ڌرتيءَ تي بهشت آهي ته هيءُ آهي،
هيءُ آهي، هيءُ آهي).

(هلندڙ)

— مون ڪڏهن مٿس نظر ئي نہ وڌي آ، پر جي ڪڏهن ڏکيو پيو بہ هوندو تہ اسان هن تي پي گذاريو آهي.

جبل ساري جڳ جو آڌو آريچن کي
ڏونئي لڪن ڪَڪ، سپ لنگهنديس سڪ سين

▲ جيون ۾ ڪي پيڙا جا پل آيا تہ اهي پل ڪيئن گذريا؟

— ڪڏهن ڪونہ گذريا ۽ نہ گذرندا جيون سڄو سارو پيڙا سان پربل آهي پيڙا جي پل.

▲ ڪي اهڙيون سهڻيون سارونڻيون جيڪي من جي اونڌاهين ۾ جرڪنديون هجن؟

— منهنجي مَن ۾ اول تہ ڪڏهن بہ اونده نہ رهي هميشہ روشني ئي روشني رهي آهي ۽ آها روشني گهڻو ڪري دکداڻڪ گهڙين جي يادگيرين ڪارڻ ئي آهي.

▲ هڪ اديب جي زندگي جو مقصد؟

— ڪوبہ نہ چاڪاڻ تہ هن ڪي جيڻو ئي پين لاءِ آهي تنهنڪري پين جو مقصد سندس زندگي سان ئي ئي سگهي ٿو باقي سندس لاءِ هن زندگي ۾ ڪي بہ ڪينهي.

▲ ڪهاڻي لکڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي ڪيفيت؟

— اهڙي ئي حالت جهڙي ڪا ڳورهاريءَ (پيٽ سان) عورت سان ٿيندي آهي.

▲ ڪڏهن سيني جي وچ ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيو.

— مون تہ هميشہ ائين محسوس ڪيو آهي هر پل هر گهڙيءَ اڪيلو.

ميلي ۾ تنها تنها ڪنهن کي ڳولين ٿو
اک ۾ ڳوڙها هٿ ۾ ڳجرا ڪنهن کي ڳولين ٿو.
(اياز)

▲ توهانجي نظر ۾ سچو رشتو؟

— ماءُ پيءُ جو.

▲ پنهنجيون ڪهاڻيون پڙهي توهان ڇا محسوس ڪيو آ؟
— نڪ ڪو.
▲ عورت توهان جي نظر ۾؟
— پاڻ جهڙي جنهن جو ڏئي سائين ڪو به ڪونهي.
▲ سنڌي شاعري ۾ ڪنهن ڪنهن موهيو آهي توهان کي؟
— بيتائي، سچل، بيدل — اياز، تنوير، نياز، فتاح ۽ امداد.
▲ ڪنهن شيءِ سان نفرت؟
— منافقت سان ۽ شايد منافق سان گهٽ.
▲ ادب ۾ جنس ڪيتري قدر مناسب آ؟
— ايتري جيترو ماڻهو سان گڏ ماڻهپو.
▲ سنڌي ادب ۾ تنقيد جي رفتار گهٽ آ انهيءَ جو سبب؟
— حسد.
▲ سنڌي ڪتابن جي مقابلي ۾ اردو ڊائجسٽ ڇو نا وڪيندا آهن.
— اردو ڊائجسٽ ته اردو رسالن ۽ ڪتابن جي ڀيٽ ۾ به گهٽ وڪامن ٿا. سو رسالن جو تاثر ڪو هڪ ئي ڊائجسٽ ۾ ملي وڃي ته پڙهندڙ کي ٻيو ڇا کپي.
صحيح معنيٰ ۾ ڪو سنڌي ڊائجسٽ نڪري ته پوءِ ڀيٽ ڪجي باقي سنڌي ڪتاب، اردو ڪتابن جي مقابلي ۾ ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه ٿا وڪامن تفصيل لاءِ ڪاڏي ڪاتي ۾ پاءُ حميد بک اسٽال ۽ پاءُ سليم ادبيات وارن سان ڳالهه ورائي ۾ اڇو ته بهتر ٿيندو.
▲ توهان سنڌي ڪهاڻي جي ڪهڙي دور کي اهم ٿا سمجهو؟
— انهيءَ دور کي جنهن ۾ هر ماڻهو جي ڳالهه ڪئي

وچي ۾ سندس مسئلن کي ڪهاڻيڪارن پنهنجا مسئلا سمجهي پرکيو ۽ لکيو.

▲ توهان جي نظر ۾ منفرد ڪهاڻيڪار ڪير آهي؟

ڪوبہ نہ چاڪاڻ تہ هر ڪهاڻيڪار انفرادي حيثيت رکندي بہ اجتماعي مسئلن جو پرچاري آهي.

▲ اوهان ناز و آمريڪا گهمي آيا آهيو مغرب جي ڪهڙين ڳالهين کان متاثر ٿيا؟

— انسان جي بنيادي حقن جي حفاظت.

▲ وڇوڙي جي رات ۽ وصل جي شام ڪنهن کي سندر ٿا ڀانيون.

— مون کي تہ ٻئي نصيب ڪونہ ٿيون آهن جڏهن انهن مان ڪا رات يا شام ملي تہ پوءِ ڪجهہ ٻڌائي سگهندس.

▲ توهان اديب نہ هجو ها تہ ڇا هجو ها؟

— پيو نہ تہ ماڻهو ضرور هجان ها.

▲ هيل تائين توهان جا ڪيترا مجموعا ڇپجي چڪا آهن.

— ٽي ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن "سيمي" "آداس واديون" "ويريون" چوٿون ڪتاب ڇپائي هيٺ آهي "جت جروهي ٿو جال."

▲ ڪنهن مهل جيئڻ فضول لڳو؟

— جن جو جيئڻ ٻين لاءِ آهي انهن لاءِ جيئڻ جنجال ڪڏهن بہ نہ ٿيندو.

▲ ڪو اهڙو ڪتاب جنهن جي پڙهڻ کان پوءِ عجيب ڪيفيت محسوس ڪئي هجي؟

— شاهہ جو رسالو.

▲ "ناري" پبليڪيشنس جي باري ۾ راءِ؟

— "ناري" سنڌي ادب جي جديد لاڙن ۽ قدرن جي حفاظت ڪئي آهي تنهن لاءِ اسين اديب اوهان جا ٿورائتا آهيون صرف وقت جي پابندي ڪريو باقي ناري هر طرح

سان هر وک ۾ اڪيري آهي. آن لاءِ اوهان کي جس آهي.

▲ عورت نہ هجي ها تہ پوءِ؟

— مرد بہ ڪونہ هجن ها. عورت مرد جي بنياد ي طرح ماءُ آهي.

▲ ڪا اڻپوري خواهش.

— واجهائي وطن کي، آهٔ جي هت مياس
گور منهنجي سومرا! ڪج پنهوارن پاس
ڏج ڏاڏائين ڏيهہ جي منجها ولڙن واس
مٽيائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.
(شاهہ)

---

# سنڌي ادب

ليکڪ: سيد حسام الدين راشدي

سنڌيڪار: غلام محمد لاکو


اهڙو ڪتاب جنهنجو روس ۾ ترجمو ڇپيو ۽ جنهنجي معرفت يورپ ۾ سنڌي ادب جو اڀياس ڪيو ويو. ان سان گڏ ١٩٨١ع تائين ادبي اوسر تي جامع مقدمو پڻ شامل.

ڪرائون سائيز، صہ ١٥٠ قيمت ٩ رپيہ

پاران: گرامي پبليڪيشن

■ اڪبر سومرو

# نوٽ بڪ

ACTUAL FEELINGS

۲- جنوري ۱۹۸۱ع

ويساهه اٿم ته هو ايندو ڏينهن پر پوءِ به اکيون ان جي اچڻ جون آرزائون ڪٿيو ويٺيون آهن.

ڪڏهن ڪنهن رُت ۾ انهن رنگن کان پڇيو آهي ته اهي ڇو ايندا آهن پابنديءَ سان؟؟ اکيون ته ويچاريون موسم ۽ ان پيارين ۽ وعدي جون پڪيون آهن سو ڀلي ڪو اچي يا نه اچي جنهن تائين راهه تڪينديون رهنديون آهن، پنهنجو وڃائي رکنديون آهن.... ڪيڏو نه درد آهي، ڪرب آهي ظالم اوسيئڙي ۾!

۳- جنوري ۱۹۸۱ع

ڪي ڪي لمحا ايندا آهن ته من ٿي چاقوءَ سان ڪو چتر، ڪو خوبصورت راڳ يا ڪا ڪَوِتا اُڪيري وٺندا آهن، سو مون وٽ به اهي لمحا آيا هئا.... اڄ جڏهن پام جي وڻ جي پاڙ ۾ ويٺو آهيان گل خوشبوئن جا جهول پيا ورائين ۽ هوائون پنن سان پيون کيڏن ته من جي ڪنهن پار کان ڪو چتر ڳالهائڻ لڳو آهي ۽ ڪا ڪوِتا آلاپڻ لڳي آهي:

"الا، هي چنبيلي، هي اڇي چنبيلي!

مون کي اهو پهريون ڏينهن ياد آهي جڏهن مون چنبيليءَ جي اڇن گلن سان پنهنجا پُڪ ڀَريا هئا. مون وڻندڙ آس، امبر ۽ ساوڪ سان محبت ڪئي آهي.

مون اڌ رات جي ڪاراڻ ۾ درياوَ جا سُرَ ۽ ساز ٻڌا آهين، تنها ويرانين ۾ سرءُ جي سڄ ٻڏڻ جو منظر ڪنهن

پوئين ڪجهه عرصي ۾ ڪافي سٺون لکيون اٿم. ڇپڻ لاءِ سو ڪجهه ڪونه ڏنو اٿم. جي ڏجي به ته ڏجي ڪٿي؟! (هر ڪنهن جو ڏيڊ چانور ڏار پيو رڌجي) ها سچي منهنجي سرتيي سلطانه ڪيئن آهي. انهيءَ پياري پياري ڇوڪريءَ کي منهنجي پاران 'جئي سنڌ' چئجان.

تنهنجي ياپي
سحر
نواب شاهه
٩-٠١-١٩٧٤ع

---

# پڙهندڙ ڊائجسٽ

## پبليڪيشنس

ڀهريون پرچو جنوري ١٩٨٢ع ۾ شايع ٿي ويندو، هڪ اهڙو ڊائجسٽ، جنهن جي سنڌي زبان، ۽ سنڌي پڙهندڙن کي شروع کان ٿي ضرورت رهي آهي.
آهو سڀ ڪجهه هن ڊائجسٽ ۾ هوندو، جيڪو دنيا جي ڪنهن به بهترين ڊائجسٽ ۾ هوندو آهي.
آفسيٽ تي ڇپيل ـــ سهڻو ڊائجسٽ

گهرائڻ لاءِ:
**سهڻي پرنٽرز**
الهندو ڪچو،
حيدرآباد، سنڌ

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي ڄَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم - گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)